SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XX مجريه 1974

SINDH ORDINANCE NO.XX OF 1974

اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974

THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1965 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX جي ڇهين شيڊول جي ترميم
Amendment of the Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

سنڌ آرڊيننس نمبر XX مجريہ 1974
SINDH ORDINANCE NO.XX OF 1974
اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974
THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[28 ڊسمبر 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement
1965 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX جي ڇهين شيڊول جي ترميم
Amendment of the Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 جي ڇهين شيڊول جي نوٽ 2 ۾، آخر ۾ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:
“گاڏين جي عارضي رجسٽريشن لاءِ KCK”.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.